*ڊاڪٽر ڦُلو ’سندر‘ ميگھواڙ
**ڊاڪٽر امير علي شاھ


# حمل فقير لغاريءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس

# LINGUISTIC STUDY OF THE HAMAL FAQEERLAGHARI’S POETRY


**Abstract:**

This study offers a linguistic analysis of the poetry of Hamal FaqeerLaghari, a prominent Sindhi classical poet known for his emotional depth and social commentary. The research examines various linguistic aspects of Laghari's work, including his use of the Sindhi language and regional dialects, phonological patterns such as rhyme and rhythm, and the employment of metaphors and symbolic imagery. By analyzing his lexical choices, syntax, and stylistic features, the study explores how Laghari’s poetry reflects the cultural and socio-political landscape of Sindhi society while also offering a window into personal and collective experiences of love, loss, and mysticism. Through a comprehensive linguistic lens, this research provides a deeper understanding of howLaghari's language conveys personal emotion and societal critique, establishing him as a significant voice in Sindhi literature.

This linguistic study of Hamal FaqeerLaghari’s poetry would not only delve into his use of language—its sounds, structures, and meanings—but also explore the deeper cultural, social, and emotional layers his words convey. His mastery of Sindhi and his symbolic and thematic richness invite further exploration of the intersection between language, identity, and society.



**Keywords:** Hamal Faqeer Laghari, Sindhi Classical Poetry, Sindhi Language, Phuloo Meghwar, Sindhi Linguistics.



*اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد
** ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي شعبو شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد




**تعارف:**

حمل فقير (1809ع- 1872ع) سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو انتهائي معتبر نالو آهي. سندس ڪلام سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ٻوليءَ ۾ ’ڪلياتِ حمل‘ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ 1953ع ۾ شايع ڪيو، جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرتب ڪيو هو. فڪري حوالي سان سندس ڪلام جا ڪيترائي پاسا آهن، ڪيس سنڌي، سرائيڪي، ۽ هندي سان گڏ فارسي ۽ ڍاٽڪي ٻوليءَ تي بہ دسترس حاصل هئي، جنهن جي ساک سندس ڪليات ۾ موجود ڪلام ڏئي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

> حمل جي شعر جي هٿ آيل ذخيري مان اٽڪل اڌ سنڌي ۽ اڌ ڪلام سرائيڪي زبان ۾ چيل آهي. سندس ڪجهہ شعر ’هندي ريختہ‘ ۾ بہ چيل آهي (بلوچ، 1982ع، ص: 41)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ جي ٻاڳي ڀڱين ۾ لطف الله بدوي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

> هو (يعني حمل فقير) پارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. سندس هٿ لکيل هڪ فقہ جو ڪتاب ”هزار مسائل“ منهنجي نظر مان گذريو آهي. (جوڻيجو 2005ع، ص: 85)

حمل فقير جي دؤر ۾ ۽ اُن کان اڳواري دؤر ۾ فارسيءَ جو ڄاڻو هجڻ، عالم هجڻ جي سند هئي. حمل فقير سنڌي ٻوليءَ سان بيحد محبت ڪندڙ شاعر آهي ۽ سندس ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جا خوبصورت رنگ نہ صرف ٻوليءَ کي تحفظ فراهم ڪن ٿا، بلڪ ٻوليءَ کي ترقي ڏيارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا.

**شاعريءَ ۾ لفظن جي استعمال جي اهميت:**

شاعر مشاهدو ماڻي ٿو، هن وٽ مُشاهدي جي اک عام ماڻهن کان منفرد هوندي آهي. شاعر جيڪي ڪجهہ ڏسي ٿو، تنهن کي لفظن جو روپ پارائي ٿو. شاعر وٽ لفظ ئي پنهنجي فڪر کي پيش ڪرڻ جو وسيلو هوندا آهن. هو پنهنجي احساسن، تجربن، مشاهدن، ۽ ويچارن کي لفظن ذريعي اظهارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن جون دلي ڪيفيتون، جذبا، ويچار سدائين ٿُز لفظن جي تلاش ۾ هوندا آهن. شاعر جي احسان کي جڏهن تز لفظ ملن ٿا، تڏهن سندس روح ۾ تخليق سرجڻ جو عمل شروع ٿئي ٿو ۽ جڏهن سندس احساس ۽ مشاهدا لفظن جو روپ وٺي روح مان ڦُٽي ٻاهر نڪرن ٿا تہ امر بڻجي وڃن ٿا.

اعليٰ اديب اُهو آهي، جيڪو چٽنگ سان ٻري ٻه سگهي، تہ ٻاري ٻہ سگهي. تخليقڪار ۾ ٻہ ڳالهيون هئڻ اهم آهن: (1) حساس دل هئڻ (2) موثر اظهار جي صلاحيت وارو هئڻ. هر ادبي شاهڪار جو سِڪي جي ٻن پاسن جيان هڪ پاسو موضوع آهي ۽ ٻيو اظهار جو طريقو. (لڇاڻي، 2015ع، ص: 154)

تخليقڪار فڪر کي اظهارڻ لاءِ ٻوليءَ جو سهارو وٺي ٿو. لفظن جا رنگ ذريعو آهن، شاعر وٽ وسيلو آهن. جڏهن لفظ جملي ۾ ڪتب اچي ٿو تڏهن هڪ خاص معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو. پر جڏهن لفظ شعر جي سٽ ۾ اچي ٿو تڏهن منڊيءَ تي ٽڪ وانگر جڙجي ٿو. جيڪڏهن لفظ 'اُن' بدران 'آن' يا ٻيو ڪو ٻہ هم معنيٰ لفظ ڪتب آڻبو تہ سياويڪ ٽنبيل ۽ پرتيءَ جو پاسندو. ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ لفظ جي سُڏتا ۽ پوترتا تي سڀ کان پهرين ڌيان ڏنو ويندو آهي. (حسيني، 2003، 95)

ٻوليءَ ۾ لفظ کي تمام گهڻي اهميت آهي. هر هڪ لفظ جي استعمال جا سهسين روپ آهن. انهن لفظن جو صحيح جڳهہ تي صحيح استعمال شاعر تمام بهترين ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ شاعر وٽ لفظ ئي هوندا آهن، جن کي هو پنهنجي اندر جي اڌمن، محبت جي احساسن ۽ زندگيءَ مشاهدن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻي، سُر ۽ معنيٰ تخليق ڪري ٿو. اهڙي جو ٻڌندڙن کان بي اختيار واهُ واهُ نڪريو وڃي، ايتري حد تائين جو جيڪڏهن هو جنگي جذبا اُڀارڻ لاءِ نغما لکي ٿو تہ جنگ جي ميدان ۾ ڪونڌر ڪڏندي ڪاهجي پون ٿا ۽ ساهہ جي سانگي بنا دشمن کي للڪاريندا رهن ٿا.

ڪو شاعر يا تخليقڪار لفظن کي ڪيئن ٿو استعمال ۾ آڻي، تنهن بابت ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکي ٿو تہ:

انسان ٻوليءَ ذريعي جڏهن پنهنجي جذبن، ڪيفيتن ، سوچن ۽ ويچارن جوا ظهار ڪري ٿو تڏهن هُو گهربل لفظ، محاورا، ٽُڪون ۽ جملا چونڊي، پنهنجي مرضيءَ موجب جدا جدا وقتن تي انهن کي ڪتب آڻي ٿو.' (مانجهي، 2005ع، ص: 78)

لفظن جي چونڊ کان علاوه ٻوليءَ ۾ اهم نُڪتو آهي، انهن لفظن جي صحيح، وقتائي، بامعنيٰ ۽ اثرائتي جڳهہ، جنهن کي جملي جي سٽاءُ چئبو آهي.توڙي جو شاعريءَ ۾ نثراڻو سٽاءُ ناهي هوندو. هر شاعر جو پنهنجو اسلوب، ۽ سٽاءُ هوندو آهي، جيڪا ان جي سڃاڻپ هوندي آهي. ان سلسلي ۾ فهميدا شاهہ سبزواري لکي ٿي تہ:

ڪجهہ لفظن کي مختلف طريقن سان اظهار جو وسيلو بڻائي سگهجي ٿو. ڪجهہ لفظن کي معمولي تبديلي سان ٻئي معنيٰ ۾ آڻڻ هڪ لفظ مختلف معنيٰ ۾ ڪتب آڻڻ، هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ استعمال ڪرڻ، هڪ ئي بيت ۾ لفظ سان گڏ ان جو ضد آڻڻ هڪ فن آهي. (سبزواري، 2009، 93)



**حمل فقير جو هيٺيون بيت لفظن جي چونڊ ۽ ٻوليءَ تي مهارت جو اعليٰ مثال آهي:**

ٻانپڻ عشق ٻروچ جي، ٻاهہ وڏي ٻُرڙي،
پاهڻ سپ پٽي وڏا، پپ ڪڙيون ڪُرڙي،
رائي ٽپي روهہ جي، پير وڏس پُرڙي،
سيني پر سُرڙي، حمل! وڃي پئي هوت ڏي.
(بلوچ، 1982، 137)

**حمل فقير جي شاعريءَ ۾ لفظن جو استعمال:**

شاعر جو بنيادي ڪم سماج جي فڪري تربيت ڪرڻ آهي، جنهن لاءِ هو پنهنجي اظهار کي موثر ۽ با مقصد بنائڻ خاطر آرٽ کان ڪم وٺي ٿو:

شاعر نہ صرف سماج لاءِ بهترين راهون هموار ڪرڻ لاءِ گهربل فڪري گهرجون پوريون ڪندا آهن، پر پنهنجي ٻوليءَ جي ذريعي فني ڪمال پڻ ڪندا آهن، جنهن سبب ادب يا شاعري آرٽ جي زمري ۾ اچي بيهي ٿي. (Meghwar, et al.,2023, p: 02)

جڏهن اسان حمل فقير جي شاعري ۾ لفظن جي ڪتب آڻڻ جي ڪمال ۽ ڪارج کي ڏسون ٿا، تڏهن ايئن ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ حمل فقير ٻوليءَ کي پيش ڪرڻ لاءِ فڪر جو سهارو پيو وٺي. يعني سندس فڪري بلندي کي، ٻوليءَ جي گوناگونيت سهسين رنگن ۾ رڱي رهي آهي.

سنڌي زبان تي بہ حمل کي ساڳيءَ طرح پورو عبور آهي: خصوصن عام رائج زبان جي مؤثر لفظن ۽ پختن محاورن ۽ اصطلاحن تي ڪيس ملڪو آهي. سندس سنڌي ٻولي بلڪل سولي ۽ صاف آهي... بيشڪ حمل جو سنڌي شعر گهڻو ڪري سچو 'سولي سنڌي سوکڙي' آهي. جيتوڻيڪ هو فارسي زبان ۽ شعر مان چڱو خاصو واقف هو، مگر سندس ڪلام ۾ اهو خارجي اثر بالڪل ڪونهي. سندس سنڌي بيت خاص طرح صاف زبان ۽ شستہ محاورن جو بهترين نمونو آهن. سسئي، ماروئي، سهڻي، سارنگ، ڪانگل ۽ بردو سنڌي سرن هيٺ چيل بيت حمل جي زبان جي سلامت ۽ رواني‌ءَ جي ساک پرين ٿا. ٻوليء تي ملڪي هُئڻ سبب، حمل کي لفظن جي پوچ ۽ استعمال تي وڏي مهارت حاصل آهي... ٻوليء جي مهارت ئي حمل کي هن لفظي پوچ ۽ جڙاءُ تي آماده ڪيو آهي، اُنهيءَ ڪري سندس اڪثر بيتن تي سگهڙپائيءَ جو رنگ غالب آهي. هنر ۽ ڏهسنامي جا بيت بہ سندس هن لُغوي ڄاڻ ۽ لفظي گهڙ- پيچ جو مظاهرو آهن.'' (بلوچ، 1982ع، ص: 43 ۽ 44)

مصور وٽ جيترا خوبصورت ۽ پُراثر رنگ هوندا، سندس آرٽ اوترو ئي مضبوط هوندو. اهڙي ريت شاعر وٽ جيتري ٻوليءَ جي سلاست (سولي ۽ سادي ٻولي)، فصاحت (رواني واري ٻولي)، ۽ بلاغت (اهڙي ٻولي جنهن ۾ غيرضروري ۽ اجايا لفظ ڪتب آندل نہ هجن) جي شاهوڪاري هوندي، سندس ڪلام اوترو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي پنهنجو اثر ڇڏيندو. حمل فقير انهيءَ حوالي سان انتهائي اهم ۽ وڏو شاعر آهي، جنهن وٽ ٻوليءَ جي جادوئي سحر واري شاهوڪاري آهي. هيٺين بيت ۾ 'پٽ، مٽ، ۽ گهٽ' الڳ الڳ معنائن ۾ استعمال ڪري ڪمال ڪيو اٿس:

سي پٽ پهرن ڪينڪي، هوءِ جي پهرن پٽ،
سي مٽ ميان سومرا ! ڏس مير! ڳولي تون مَٽ،
جي گهٽِ رعيت راج ۾، ڇڏ گهوٽ ! تنين جا گهٽ !
ڳهٽا ٻانئي ڳٽ، تنهنجا هسُ حمل ڇئي.

(بلوچ، 1982، 148)

عام ٻولي ۽ شاعراڻي ٻوليءَ ۾ وڏو فرق آهي. عام ٻوليءَ ۾ سنئين سڌي اُها ئي معنيٰ هوندي آهي، جيڪا لفظن جي ظاهري معنيٰ هوندي آهي، پر شاعراڻي ٻولي ۾ آرٽ سبب انوکو اثر ۽ عجيب معنيٰ هوندي آهي:

اسين ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ ڪتب ئي ڇو ٿا آڻيون، جو بيان ۾ انهن جي اکري معنيٰ نئين نهي، جنهن ڪري اسان کي پوءِ ٻي معنيٰ ڪڍڻي ٿي پوي. ٻوليءَ ۾اهڙا لفظ ان ڪري استعمال ڪريون ٿا، جو منجهس زور ۽ اثر پيدا ڪرڻ جي جيڪا قوت آهي، اها فقط اکري معنيٰ ڏيندڙ لفظ ۾ نہ آهي. (ڇيتلي، 2004ع، ص: 128)

شاعر نہ صرف لفظن کي نيون معنائون ڏيڻ جي سگهہ رکن ٿا، بلڪ لفظن کي نيون شڪليون پڻ ڏيندا آهن. هيٺين بيت ۾ ٻين سليس ۽ سپڪ سلوڻن لفظن کان علاوه، سجڻ جو نالو ۽ صورت ٻنهي جو 'سڪ' هجڻ ۽ لفظ 'هاسي' پنهنجي طرف ڌيان ڇڪائي ٿو جيڪو شاعر جو ڪمال آهي:

سجڻ سجو ئي سِڪ، سڪ پيي نانءُ سجڻ جو،
صورت سڪ سجڻ جي، سڪ ۾ڪيائين لِڪ،
ماڪيئون مِٺي ٻائيان، پريان سندي پِڪ،
حمل هاسي هڪ، پر جُسي منجهہ جدا ٿيو.

(بلوچ، 1982، 179)



حمل جي ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، انهن مان هڪ اهم سبب سندس ڪلام تي فني ۽ فڪري حوالي سان خليفي نبي بخش جو سڌو سنئون اثر آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

حمل پنهنجي وقت جي اڪثر قادرالڪلام شاعرن جي شعر جو مطالعو ڪيو ۽ انهن کان متاثر ٿيو، خاص ڪري مولوي لطف علي ۽ خليفي نبي بخش جي ڪلام جو حمل جي شعر تي ڪافي گهرو اثر پيو ۽ اهي ٻہ بزرگ ڪنهن حد تائين حمل جا ڄڻ استاد هئا. (بلوچ،1982، 22)

ڇاڪاڻ تہ سنڌي شاعري جي معتبر شاعرن مان خليفي پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي واهڙ وهايا آهن، ۽ جيڪي تجربا ڪيا آهن، شاهہ لطيف کان پوءِ ورلي ڪنهن وٽ ملن ٿا. لطيف کان پوءِ جي شاعرن مان تہ ڪو هڪڙو ٻہ شاعر نڪتو ملي، جنهن سندس اثر نہ قبوليو هجي. حمل جي ٻوليءَ جي شاهوڪاري مان پڪ ملي ٿي، تہ هو پڻ شاهہ لطيف جي لساني ۽ فني بلندين جي پڻ اثر هيٺ آهي. ان جو مطلب اهو بہ هرگز ناهي تہ ڪو حمل فقير جي پنهنجيون لساني خوبيون ناهن. حمل فقير جو پنهنجو انداز ۽ اسلوب آهي، جيڪو کانئس اڳ، همعصر، ۽ پوءِ جي شاعرن ۾ منفرد ۽ نمايان بيهاري ٿو.

**حمل فقير جو اسلوبِ بيان:**

حمل فقير نہ صرف سنڌي ٻوليءَ تي مهارت رکندڙ شاعر هو بلڪہ هو سنڌي ماڻهن جي سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي پس منظر کان بہ خوب واقف هو، جنهن جي ساک سندس ڪلام جو اسلوبِ بيان ڏئي ٿو:

حمل جي شاعرانہ اسلوبِ بيان ۾ وڏي لوڏ لچڪ آهي: هر هڪ موضوع کي مخاطبين خواه نفس مضمون جي لحاظ سان بلڪل موافق ٻولي ۽ موزون محاورن ۾ ادا ڪيو اٿس. مخاطبين جي لحاظ کان مدحن، ۽ معجزن ۾ زبان خواه طرزِبيان بلڪل سادي آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي موضوع عام لاءِ هئا ۽ زبان زد عام ٿيڻا هئا. ان جي برعڪس، معرفت نامي ۾ جيتوڻيڪ ٻولي نج سنڌي استعمال ڪئي وئي آهي، تہ بہ تصوف جي ڪن اصطلاحن ۽ ڳُوڙهن نُڪتن کي ورجائڻ لاءِ طرزِ بيان علمي، بلڪہ فلسفيانہ آهي. موضوع جي لحاظ سان، موافق ٻولي ۽ موزون محاورن استعمال ڪرڻ ۾ حمل پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. (بلوچ، 1982ع، ص: 42)

هيٺ ڏنل بيت ۾ حمل فقير ڪيڏي نہ خوبصورت ٻولي استعمال ڪئي آهي:

پيرون پڪا پٽ تي، ڏونرن جون ڏاريون،
ڏنم ڏاڏاڻي ڏيهه ڏي، چاپندي چاريون،
ماڪيئون منيون پانئيان ڪپڙيون ۽ ڪاريون.

(بلوچ، 1982، 150)

اُهي شاعر جي پنهنجي موضوع، مخصوص اظهار سبب سند ٿي ويا هجن، جن جي ٻولي، هڪ مثالي ٻولي، جو درجو رکندي هجي،جن انسان حي فڪري سرمائي کي وڌايو هجي، جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولا ڪئي هجي، انسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو هجي، جن پنهنجي فڪر مشاهدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذهن کي وسعت ۽ عظمت ڏني هجي، جن انسان ۾ آزادي، لاءِ محبت، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي هجي، جن ساپيا کي سونهن ڏني هُجي، سونهن کي ساپيا ڏني هُجي، جي پنهنجي خاص انداز ۾ پنهنجي قوم لاء هوندي بہ سڀ جا هُجن، هر ڪنهن سان ڳالهائيندا هُجن، جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي هڪ ٿي ويا هُجن، جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ هجي، جو هر دور ان کي پنهنجي لکت سمجهي، جن جون تخليقي صفتون وقتي هوندي بہ دائمي، آفاقي هجن، انهن شاعرن جي شاعري "عظيم ڪلاسڪ" جو درجو حاصل ڪري ٿي. (جويو 2006، 30)

**حمل فقير جي شاعريءَ ۾ اصطلاحن، محاورن، پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال:**

شاعر کي تمام ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالهہ ڪرڻي هوندي آهي، مطلب تہ ڪُوزي ۾ سمنڊ سمائڻو هوندو آهي، تنهنڪري، هو مناسب لفظن جي چونڊ سان، گڏ ٻوليءَ جا اصطلاح، محاورا، پهاڪا، چوڻيون پڻ استعمال ڪندو آهي، حمل فقير جون ڪيتريون ئي سٽون يا پورا جا پورا بيت چوڻين جي حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن. مثال طور سندس هڪ شعر جي سٽ آهي: ’ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، آئون ڪاڻون ڪيان ڪن جون‘ يا هيٺ ڏنل بيت جي آخري سٽ ’لڳي تہ لک هزار، ٽُٽي تہ ٽڪو ئي نہ لهي‘ عام ٻوليءَ ۾ چوڻي جو روپ ڌاري چڪيون آهن.

حمل چئي هن ڳالهہ جو ويهي ڪيم ويچار،
تہ دل لڳيءَ دوستيءَ جو ڇا مُله آهي مقدار؟
تان اندر مان عقل چيو نقطو هي نروار،
لڳي تہ لک هزار، ٽُٽي تہ ٽڪو ئي نہ لهي.

(بلوچ، 198، 182)



وڏي ڳالهہ کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان علاوه ٻولي جي نفاست ۽ جوڙجڪ ۾ اصطلاح ٻولي جي حسن ۾ نکار آڻين ٿا، خاص ڪري شاعريءَ ۾ اصطلاحن جو هجڻ معنوي خوبصورتي ۾ اضافو ڪري ٿو. هينين بيت ۾ اصطلاح، ٻتا لفظ يا ورجيسيون ڪيڏي نہ خوبصورت انداز ۾ استعمال ڪيل آهن.

ڪانگل! ڇئج قريب کي جئن عرض چوان آئون،
هينڙو تو حبيب ري، آه ڳانئون ۽ مانئُون،
دل منهنجي تو دوست جي آه ٻاجهہ بنان ٻانئُون،
حمل! هي ڪانئُون، ناتو نينهن نئون لڳو

(بلوچ، 1982، 165)

ڪنهن ٻولي جي محاورن يا اصطلاحن جو جيڪڏهن اسين جائزو وٺنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ انهن جي جيڪا اصطلاحي معنيٰ ٻوليءَ ۾مروج ٿي وئي آهي،انهيءَ جو بنياد لفظن جي ڏسيندڙ يا اشارتي طاقت ئي آهي. محاورو يا اصطلاح جملي جو جزو هوندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ڪتب ايندو آهي.

پهاڪن ۽ اصطلاحن جي اکري معني بجاءِ ٻي معني ڪڍجي ٿي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهڙن استعمالن ۾ لفظن جي اکري معنيٰ مان ٻيو مطلب ڪيئن ٿو حاصل ٿئي، هي اهڙو موضوع آهي ،جنهن تي علم لسانيات ۽ شاعري جي علم ۾ گهڻي تفصيل سان بحث ڪيل آهي.جڏهن اسين ڪنهن کي چئون ٿا تہ فلاڻي اٽئي ٻگهلوپگت متان سندس ڦندي ۾ ڦاٿو آهين،تڏهن اسان جو مطلب اهو نہ آهي تہ بيان ڪيل ماڻهو ٻگهلو پکي آهي. (جيٽلي، 2004، 27 ۽ 28)

پلڪ مَ ٿيءُ پري، دلبر دوست ! اکين ڪئون،
منهنجي تو ريءَ سپرين! ساعت ڪين سري،
ڏِسيو ڏِسيو ڏک لاهيان، تو هردم هانءُ نري،
وڇوڙي جي واءُ ڪئون، تو منهنجو ڏيلَ ڏري،
ڦورائي فراق ڪئون، تي ڦري دل ڦري،
قادر گڏ ڪري، حمل! هميشہ ڏينهڙا.

(بلوچ، 1982، 173)

ساعت نہ سرڻ، هانءُ نرڻ، ڏِيل ڏرڻ، دل ڦِرڻ وغيره جو استعمال نہ صرف بيت کي خوبصورت بڻائي ٿو بلڪ انهن اصطلاحن جي چونڊ معنيٰ ۾ پڻ وسعت پيدا ڪري ٿي.

**حمل فقير جي شاعريءَ ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال:**

محاوري، اصطلاح، پهاڪي، چوڻي جي استعمال کان علاوه ٻوليءَ ۾، خاص ڪري شاعري ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ ۾ تشبيه ۽ استعاري جو استعمال تمام اهم، ضروري ۽ بنيادي آهي، جنهن کان ڪوبہ شاعر، ڪنهن بہ صورت کان پاسو ڪري ئي نٿو سگهي.

شاعري جي ساڄاهہ رکندڙ هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ تشبيهہ يعني Simile ڇا آهي ۽ استعارو يعني Metaphor ڇا آهي! جيئن خود انهن لفظن مان ئي ظاهر آهي تہ تشبيہ ۾ ڪنهن هڪ شئي جي ٻي سان ڀيٽ ڪبي آهي ۽ منجهن مشابهت Similarity يا هڪجهڙائي ڪي ڪي بيان ڪبو آهي جنهن ۾حرف تشبيهہ "جهڙو"، "جيئن" ۽ "وانگر" بہ ايندا " ۽ استعاري ۾ سڌي ڀيٽ يا مشابهت بيان ڪرڻ بدران هڪ شئي جي ڪنهن خوبي (يا ڪڏهن ڪڏهن خامي) کي ٻي سان لاڳاپي پهرين جي سڃاڻپ ٻي کي اُڌاري ڏئي ڇڏجي... يعني استعارو هڪ هڪ قَسم جو اشارو هجي ٿو هڪجهڙائي ڏانهن!

محبوب جي جسم جي هر عضوي، هر هڪ ادا،مزاج، طبيعت،راضپي،ڪاوڙ،بي رُخي،بيوفائي مطلب تہ هر ڳالهہ لاءِ تشبيهون توڙي استعارا موجود آهن.مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ويا ڪرڻ‘ جي چوٿين ڀاڱي ۾ علم بديع ۽ علم عروض جي حوالي سان انهن جو بيان ڪيو آهي ۽ سون جي تعداد ۾ اهڙا لفظ ڏنا اٿس جن ۾ منهن مبارڪ،وارن،پيشاني،اکين، ڀنبٽيڻ،ڀرن،ڳلن،نڪ،چپن،ڪاڏي،وات،ڏندن،هٿن ۽ چيلهہ وَغيره.هرهڪ لاءِ ويه پنجويهہ لفظ لکيل آهن.شاعريءَ ۾تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ان جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏوگڏ پڙهندڙ جي ذهن کي متحرڪ ڪري ٿو،عام طور تي اسان ڏٺو آهي تہ ڪي مخصوص تشبيهون ۽ استعارا شاعر استعمال ڪندا آهن . مثال محبوب کي چنڊ سان ڀيٽڻ يا ڪيس چنڊ ،ماهتاب وغيره سڏڻ. سندس وارن کي واسينگ ،چپن کي گلن جي پکيڙين يا هلڻ کي هرڻي سان ڀيٽيون ويندو آهي. شاهہ صاحب عام طور تي مروج تشبيهون ۽ استعارا بہ ڪم آندا آهن پر سندس استعمال ڪيل ڪي ڪي تشبيهون ۽ استعارا ڏاڍا عجيب ۽ نوان آهن،جن ڏانهن ڪنهن عام شاعر جو تہ شايد ڌيان بہ نہ وڃي. (حسين، 2000، 17 ۽ 18)



هيٺين بيت ۾ محبوب جي شڪل کي شينهن سان تشبيه ڏني وئي آهي؛

تنهنجي صورت سومرا! ڀانيان شڪل شينهن،
وسائينديس وطن تي، ميڙائي جا مينهن،
حَلوَن ڪَئُون حمل چئي، ڀُڄان ڪِرڙ ڳَرِينهن،
اڳ نہ ڪٿن ڏينهن، شل! مارن ساڻ مِلي مران.

(بلوچ، 1982، 150)

شاعريءَ ۾ صنعتن، تشبيهن، ۽ استعارن ۽ علامتن وغيره کي وڏي معنيٰ آهي. اهي شاعريءَ جي سونهن ۾ اضافو آڻي، شعر کي فصيح بڻائن ٿيون. شعر اها تخليق آهي، جا انساني جذبن کي اڀاري ٿي، ۽ صنعتون ان عمل ۾ تخليقڪار کي وڏي واهر ٿيون ڪن. جيئن حسن جي نکار واسطي، زيور يا ڳهڻا استعمال ٿين ٿا تيئن ‘Figures of Speech’ شعر جو زيب وڌائن ٿا، پر اُهو سدا ياد رکڻ کپي، تہ شعر بنيادي طور، لفظن ۾ نفيس احساسن جو اظهار آهي. شعر جي پهرين تقاضا اعليٰ خيال ۽ احساسات آهن، پوءِ صنعتون شعر کي وڌيڪ زيبائتو بڻائينديون. شعري هڳاءُ بنا شعر ڪُجهو ڀاسندو آهي. هتي اهو بہ نُڪتو زير نظر رهي تہ جيسين ڪو خيال شاعرانہ لباس ۾ زندگيءَ جي گهري نسبت ۾ ناهي، جنهن ۾ زندگيءَ جو رنج ۽ غم، خوشي ۽ راحت، ان جو تناءُ (ڇڪتاڻ) ۽ ان سان جڙيل سماجي، سياسي، تهذيبي شعور شامل نٿو رهي، جيسين شاعر ان کي جذباتي ۽ ذهني ولوڙ مان حاصل نہ ڪيو آهي، تيسين تشبيه، استعارو ۽ علامتن جي چمڪ دمڪ صرف دوکو آهي.” (لڇاڻي، 2015ع، ص: 61 ۽ 62)

حمل فقير پنهنجي ڪلام ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال تمام گهڻو ۽ زبردست ڪيو آهي. مٿي ڏنل بيت ۾ محبوب کي شينهن سان تشبيه ڏني وئي آهي، جڏهن تہ هيٺ ڏنل بيت ۾ دشمن لاءِ ڪُتي جو استعارو ڪتب آندو ويو آهي.

دشمن سو دفع ڪيو، ويو ڏُرت وڇا،
ڪُتو ڪالهہ مري ويو، باري ڪيو بچاء،
اڳڻ هلي اچ آءُ، تان اسان تون عيدان ڪريون.

(بلوچ، 1982، 78)

هر سماج ۾ مختلف جانورن جي الڳ حيثيت آهي، لفظن جي لفظي معنيٰ ۽ اصطلاحي معنيٰ لاڳاپيل سماج جي نفسيات کي ظاهر ڪري ٿي.

**حمل فقير جي شاعريءَ ۾ تجنيس حرفي جو استعمال:**

حمل فقير جي سموري ڪلام ۾ صنعتن خاص ڪري تجنيس حرفي جو استعمال ڪمال جي سطح جو ٿيل آهي. تنهن لاءِ هيٺيان ٻه بيت مثال طور ڪافي آهن:

آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، رڻ وڏا روهه،
اوڪا اوڪر اڳيئون، ڪپر ڪرڙا ڪوهه،
پاهڻ ۾ پاڻ هٽي، چنائين مَتُون چوهَه،
اچي منجهه اوندهه، گڏيس هوت حمل چئي.

(بلوچ، 1982، 138)

اهو لفظ اونده نه بلڪ ’اندوهه‘ هجڻ گهرجي، جنهن جي معنيٰ آهي، رنج، غم، ڏک، ارمان، فڪر، ڳڻتي، خيال، اڌڪو انتظار. شاهه لطيف پڻ اهو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي.

ڳاتيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳَنُ وَڍِيندَڙَ هَٿَ ۾،
پَسِئو پِرِ عَظِيمَ جِي، لِڇِئو وَڃي لوحُ،
عَاشِقَنِ اَندوهُ سَدَا مَعشُوقَنَ جو.
اندوهه= فڪر، ڳڻتي، غم، خيال.

(شيخ، 2000، 12)

**حمل فقير جي شاعريءَ ۾ تجنيس تام جو استعمال:**

تجنيس حرفي ته سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن وٽ ڪمال درجي جي آهي، خاص ڪري شاهه لطيف وٽ. ۽ تجنيس تام به شاهه لطيف وٽ ڪجهه بيتن ۾ ڪم آندل آهي. جهڙوڪ، ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو وغيره.

حمل متعدد موقعن تي عمدن ۽ ارادتن "صنعت تجنيس" جو ڪمال ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مگر هن ڪاريگريءَ کي پُختن محاورن ۽ موزون لفظن جي قالب ۾ اهڙي ته سهڻي نموني ۾ سمايو اٿس، جو تصنع ۽ تڪلف جو رنگ هلڪي ۾ هلڪو بلڪِ ذري گهٽ ناپيد آهي. (بلوچ، 1982، ص:44)

حمل فقير تجنيس تام ايتري ته ڪم آندي آهي، جو اها سنڌس سڃاڻپ آهي. سنڌس مشهور بيت:



ڪاڻ ڳنين جي ڪاڻ، آئون ڪاڻون ڪيان ڪِن جون،
نه ته ڪير ڪاڻون، ڪير اسين، ڪير ڪيڏي هوند ڪاڻ!
اسين پاڻ اتامرا، ڪنهن جي ڪيڙون نه ڪاڻ!
پر حمل! سُرهي ساجن ڪاڻ، ٿا ڪاڻون ڪيون ڪن جون.

(بلوچ، 1982، 177)

هيٺ بيت مثال طور پيش ڪجي ٿو جنهن مان اهو پتو پوي ٿو ته پاڻ ٻوليءَ جي لفظي ذخيري جي حوالي سان ڪيترو نه مالامال آهي.

سُرها تيل نه سِکيا، مارو ميرا! مڪڻ،
تن جا هٿ حمل چئي، مَليا ميرا! مڪڻ،
سام تنهنجي سومرا! اهي ميرا! مڪڻ،
مارو مير مڪڻ، ڪائي شال خطا جو.

(بلوچ، 1982، 149)

شعر ۾ موسيقي ۽ لفظن جي بيهڪ ۾ جڙاوت سان گڏو گڏ حرف تجنيس جو به وڏو عمل دخل آهي .ساڳيا حرف جيڪڏهن هر لفظ جي اڳيان اچن ته خاص قسم جي لئي ۽ ترنم پيدا ٿي پوي. شاهه جي شاعري ۾ اهڙي تجنيس حرفي جا ايترا ته مثال ملن ٿا . جو سنڌس شاعري کي نه سمجهندڙ ماڻهو به جيڪڏهن شاعري ٻڌندو ته حرف تجنيس جي لاءِ ۽ ترنم ۾ وڃائجي ويندي ۽ جهومي پوندو. (شر، 1999ع، ص: 97)

ٻين ڪيترن ئي بيتن ۾ تجنيس تام سان گڏ تجنيس حرفي جي استعمال جو به ڪمال پسي سگهجي ٿو.

**حمل فقير جي سنڌي شاعري ۾ پاڙيسري ٻوليون:**

عظيم شاعر جنهن به سماج ۾ رهن ٿا، ان ۾ ڳالهايون ويندڙ سيني ٻولين سان پيار ڪن ٿا، ۽ انهن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻائن ٿا. حمل فقير لغاري جي مادري زبان سرائيڪي آهي، جنهن ۾ هُن تمام گهڻي ۽ اعليٰ پد جي شاعري رچي آهي. ڊاڪٽر بلوچ سنڌس سرائيڪي ٻوليءَ جي پيٽ سنڌس استاد مولوي لطف علي سان ڪندي لکي ٿو:

حمل خان جي زبان سنڌي-سرائيڪي هئي. انهيءَ ڪري لطف علي جي مقابلي ۾ ڪيس هن زبان ۾ ٿيبون هٽي خاص محاورن ۽ لفظن جي شاعرانه پوچ پيدا ڪرڻ ۾ دشواريون هيون. مگر انهي هوندي به حمل خان پنهنجي سرائيڪي شعر کي لفظي پوچ خواه تخيل جي لحاظ سان اوج تي پهچايو (بلوچ، 1982ع، ص: 23)

حمل فقير جي سرائڪي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجي جي راءِ آهي تہ: ”سرائيڪي ڪلام جي مدنظر ڏسجي تہ اُتي بہ حمل بلند معيار جو شاعر آهي.“ (جوڻيجو، 2005ع، ص: 90) ڪيس ٻنهي ٻولين تي دسترس حاصل هو، جنهن جي ساک سندس ڪلام ڏئي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

> مجازي بيتن ۾ خاص طرح عام فهم "سنڌي- سرائڪي" ٻولي استعمال ڪئي اٿس. مطلب تہ سرائڪي ٻوليءَ جي هر محاوري ۾ ڪيس مهارت آهي ۽ اُن ۾ هو ٻاهرين عام ٻولي توڙي گهرو زباني ٻوليءَ کان پوري طرح واقف آهي. هير ۽ سندس ماءُ جي سوالن جوابن واري ٽيهہ اکري ۾، ٻن عورتن جي گفتگو جي لحاظ کان، "الف" کان "ي" تائين گهرو زاناني ٻولي استعمال ٿيل آهي، جنهن ۾ جهڙو ماءُ جو سهڻو تهڙو ڌيءَ جو طعنو جهڙو عتاب تهڙو جواب. هن طرز بيان کي بلڪل زنانن اصطلاحن ۽ محاورن ۾ نيائڻ ۾ حمل فقير واقعي ڪمال ڪيو آهي، ۽ عورتن جي طعنن ۽ مهڻن کي هوبهو سندن زبان ۾ ورجايو آهي. (بلوچ، 1982ع، ص: 43)

ڊاڪٽر بلوچ اڳتي لکي ٿو تہ:

> سندس سرائيڪي زبان ۾ چيل بيت، لفظن جي سٽاءُ، پيارن محاورن ۽ انوکن خيالن سبب سنڌ ۾ عام مروج ۽ مشهور ٿي ويا ۽ هر هنڌ مقبول پيا، جنهن ڪري ڪيترن شاعرن ۽ سگهڙن پنهنجي ڪلام ۾ حمل جي نقش تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي. (بلوچ، 1982ع، ص: 36)

هيٺين ڏنل بيت ۾ (۽ ڪيترن ئي ٻين بيتن ۾) ڏاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ ’ڪينءَ‘ استعمال ڪيو ويو آهي:

اللهٰ! اوني آڻ، اڄ ڏاڏاٽي ڏيهہ جو،
ڪينءَ جون ڏئي خبرون، حمل چئي هت هاڻ،
آهيان بہ تي ڏينهڙا، ماڙين ۾ مهماڻ،
امانت اُماڻ، عمر! رساڻج اوڏهين.

(بلوچ، 1982، 150)

ڏاٽڪي ۾ مهمان کي ’مهماڻ‘ اچاربو آهي. ٻيا بہ ڪيترائي لفظ ۽ انهن جو وياڪرڻي استعمال ڏاٽڪي ٻوليءَ جي اصولن موجب استعمال ڪيو آهي. مثال جي طور مٿي بيان ڪيل هڪ بيت ۾ (اڱڻ هلي اڄ آءُ، تان اسان تون عيدان ڪريون) لفظ



عيد جو جمع عيدان ڏاٽڪي ٻولي جي قاعدن تحت آهي. سنڌي ٻولي اترادي محاوري ۾ پڻ ايئن ئي جمع ڪبو آهي.

> ڪيس (سنڌي توڙي سرائيڪي) ٻوليءَ تي ملڪو آهي: سرائيڪي (سنڌي- سرائيڪي) سندس مادري زبان هُئي، مگر ان سان گڏوگڏ سرائيڪي زبان جي مغربي- پنجابي محاوري ۽ لهجي، توڙي اتر سنڌ ۽ بهاولپوري محاوري ۽ لهجي تي ڪيس عبور هو. (بلوچ، 1982ع، ص: 42 ۽ 43)

سنڌي ٻوليءَ تي ڪيترائي وارا ٿيا آهن، جن جا ڏک سنڌي ٻولي هڪ تہ پنهنجي اندروني طاقت ۽ صلاحيتن سان پچائي سگهي آهي ۽ ٻيو پنهنجي ليکڪن جي تخليقن سبب سهسائي سگهي آهي. سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ اُهي تخليقڪار جن پنهنجي ٻوليءَ سان بيحد محبت ٿي ڪئي، سي پنهنجي تخليقي جُهد جي سفر ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿڪا. ”جهڙي طرح ماءُ جو پيار ٿڪجي نٿو اهڙي طرح هڪ سچي تخليڪار جو پيار بہ نٿو ٿڪجي“ (Meghwar, et al., 2023, p: 10) سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ پنهنجا ڪلاسيڪي شاعر جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي ڪوٽن ۽ قلعن جيان تحفظ ڏيئي بچائي بيٺا آهن، تن ۾ حمل فقير لغاري بحيثيت ڪلاسيڪي شاعر پنهنجي شاعريءَ جي تخليق وسيلي تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

## حوالا:


بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. (1982). ڪلياتِ حمل، ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.

جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. (2005).سنڌي ادب جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

جويو، تاج، (2006).شاهہ لطيف، سنڌي ٻولي جو معمار. ڪلاچي، تحقيقي جرنل، 9(1)، ڪراچي، سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

ڄيٽلي، مرليڌر. (2004).سنڌ ڀاڪا ۽ محاورا هڪ اڀياس، ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.

حسين، فهميده، ڊاڪٽر. (2000). شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال، ڪلاچيءَ تحقيقي جرنل، 3(2)، ڪراچي، سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

حسيني، امداد، (2003). ’لطيف: سنڌي ٻوليءَ جو محافظ‘، ڪلاچي، تحقيقي جرنل، 6(2)، ڪراچي، سنڌ: جون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

سبزواري، فهميدا شاھ.(2009).سر آسا جو لسانياتي جائزو.’سر آسا‘، مرتب، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي،ڪراچي، سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، سنڌ حڪومت

شيخ، ٻانهون خان.(2000). سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 11، شاھ جو رسالو (جلد پهريون)، ڪراچي، سنڌ: شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

لڇاڻي، جڳديش.(2015). آچيندي لڄ مران. ڪراچي، سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ حڪومت.

مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر.(2005). سُر حسيني جو پهاڪن طور استعمال.’حسيني جي هاڪ‘.مرتب، تاج جوي، ڀٽ شاھ/ حيدرآباد، سنڌ: شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز.

(2022).Meghwar,PhulooSunder., D. B. A., & Dahri, M. H. H. O . شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٿر جي سماجي قدرن جو اڀياس.(2)Jahan_e_Tahqeeq, 5 .

PhulooSunderMeghwar, D. U. H., & Sindhu, D. B. A. D. (2023). ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعريءَ جي موضوعن جو سماجي-ثقافتي جائزو. Harf_o_Sukhan, 7(3), P 2.

PhulooSunderMeghwar, H. H. O., Oad, A. K., &Gabol, I. (2024). اوڏڪي ٻوليءَ جي وياڪرڻي خصوصيتن جو تحقيقي اڀياس: RESEARCH STUDY OF GRAMMATICAL CHARACTERISTICS OF OADKI LANGUAGE. *Journal of Applied Linguistics and TESOL (JALT)*, *7*(4)